# غزوهءِ بدر

## ۽ سکڻ واريون ڳالهيون

**14 March-2025**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



**14 مارچ 2025ع (متوقع اسلامي تاريخ: 14 رمضان شريف 1446ھ)**
**تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان**

قرآني بيان

بنام

# غزوهءِ بدر ۾ سکڻ واريون ڳالهيون

**هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ...**

- ✿... دعا جون فضيلتون
- ✿... اطاعت ڪاميابي جي پهرين شرط آهي
- ✿... شيطان جا 10 دروازا ۽ انهن کان بچڻ جو طريقو
- ✿... تعوذ پڙهڻ جي برڪت

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

*For Feedback*: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

**اربعين عطار، قسط:** 2، **صفحو:** 36، **حديث پاڪ نمبر:** 36 آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ فِيْ كُلِّ يَوْمٍ مِائَةَ مَرَّةٍ قَضَى اللّٰهُ لَهٗ مِائَةَ حَاجَةٍ اَيْسَرُهَا عِتْقُهٗ مِنَ النَّارِ

ترجمو: جيڪو شخص مون تي روزانو **100** دفعا درود پاڪ پڙهندو، الله پاڪ ان جون **100** ضرورتون پوريون ڪندو، جن مان سيني ڪان آسان ان جي جهنم کان آزادي آهي. (1)

دو لب، دو زلف، دو چشم سیاہ، دو رخسار
ہر ایک عضو پہ دو، دو پہر درود پڑھو
بچاوے تم کو جو دوزخ سے ایسے مُحْسِن پر
سدا سلام کہو عمر بھر درود پڑھو (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]… افضل الصلوات للنبہانی، صفحہ:21 ۔
[2]… نورِ ایمان، صفحہ:57۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديث پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]
اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باأَدب ويهندس ۞ خوب توجھ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** 17 **رمضان شريف** جو ڏينهن، جيڪو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اچڻ ئي وارو آهي، هي اسلامي تاريخ جو نهايت ئي اهم ڏينهن آهي۞ انهيءَ ئي ڏينهن مسلمانن جي پيارِي اَمي جان، حبيبہ حبيبِ خدا، صِديقه بنتِ صِديق، حضرت عائشه صِديقه طيبه طاهره رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو يومِ وصال آهي[2]۞ انهيءَ ئي ڏينهن اسلامي تاريخ جي حق ۽ باطل جو پهريون واقعو يعني غزوه بدر پيش آيو،[3] حيرت جي ڳالھ اها آهي تہ هن غزوي ۾ مسلمان جو تعداد صرف **313** هو، جڏهن تہ غير مسلمن جو تعداد **1000** هو، يعني غير مسلم ٽيڻا (3 **پيرا وڌيڪ**) هئا، انهن وٽ جنگي ساز و سامان ۽ هٿيار بہ وڌيڪ هئا، ٻئي طرف مسلمانن جو تعداد بہ گهٽ هو ۽ انهن وٽ تير، تلوارون وغيره بہ تمام ٿوري مقدار ۾ هيون، ان جي باوجود الله پاڪ هن غزوي ۾ مسلمانن کي عظيم الشان فتح عطا ڪئي ۽ غير مسلمن کي انتهائي عبرتناڪ شڪست سان مُنهن ڏيڻو پيو ۞ ان کان علاوه

---

[1]... بخاری، كِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1-

[2] شرح الزرقانی علی المواهب، المقصد الثانی، الفصل الثالث، عائشہ ام المؤمنين، جلد:4، صفحہ:392-

[3] بذل القوة، القسم الثانی...الخ، الباب الاول...الخ، الفصل الاول...الخ، صفحہ:309-

**19** رمضان شريف تي پيارِي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي پيارِي شهزادي صاحبہ حضرت رُقيه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جو يومِ وصال بہ آهي.

اسان کي گهرجي تہ انهيءَ ڏينهن تي مسلمانن جي پيارِي اَمِي جان حضرت عائشہ صدِيقه ۽ شهزاديءِ مصطفیٰ حضرت رُقيه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهمَا جي ياد ملهايون، انهن ٻنهي بزرگ هستين ۽ جيڪي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان غزوه بدر ۾ شهيد ٿيا انهن سڀني جي ايصالِ ثواب جو اهتمام ڪيون، بهترين طريقو هي آهي تہ 17 ۽ 19 رمضان شريف جي افطار ۾ معمول کان ڪجهہ وڌيڪ اهتمام ڪيون، سڀئي گهر وارا گڏجي ويهن، سڀئي هڪ هڪ پيرو سورة فاتحہ ۽ ٽي ٽي پيرا سورت اخلاص پڙهن، چاهيو تہ ان کان وڌيڪ بہ تلاوت ڪري سگهو ٿا، بلڪ ٿي ممڪن هجي تہ سڀئي گهٽ ۾ گهٽ هڪ هڪ تسبيح درود پاڪ جي بہ پڙهو، ڪجهہ ذڪر اذڪار بہ ڪيون، مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل ڪتاب فيضانِ عائشہ صِدّيقه رَضِيَ اللّٰهُ عنها ۽ آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جا شهزادا ۽ شهزاديون. هي ٻئي ڪتاب مڪتَبة المدينہ تان خريد ڪري يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪري، انهن کي پڙهو، گهر وارن کي گڏ ڪري انهن مان ڪجهہ پڙهي سڀني کي ٻڌائن ۽ هن سڄي اهتمام، سڀني نيڪ عملن جو ثواب حضرت عائشہ صِدّيقه ۽ حضرت ٻيبي رُقيه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما ۽ شهداءِ بدر کي ايصالِ ثواب ڪيو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو ثواب حاصل ٿيندو. الله پاڪ اسان کي انهيءَ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## غزوهءِ بدر ۾ سڪڻ واريون ڳالهيون

پيارا اسلامي ڀائرو! 17 رمضان شريف تي ٿيندڙ عظيمُ الشَّان جنگ يعني غزوه بدر، چوڻ لاءِ تہ تاريخ جو هڪ واقعو آهي، البتہ! ان ۾ اسان جي سکڻ لاءِ ڪيترائي

سبق موجود آهن، اَچ اسان انهن مان ڪجهه سبق پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اچو تہ! پهريان هڪ ايمان افروز روايت پڙهون ٿا:

## ڪهڙي شيءِ تي حبيبِ خدا جي نظر ناهي ...؟؟

مسلم شريف جيڪو حديث پاڪ جو هڪ تمام مشهور ڪتاب آهي، ان ۾ روايت آهي، هن حديث کي بيان ڪرڻ وارا مشهور صحابيءِ رسول حضرت اَنس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ آهن، فرمائن ٿا: هڪ دفعي مان مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سان گڏ هيس، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ غزوه بدر جي باري ڳالهہ شروع ڪئي، ان دوران پاڻ فرمايائون: (غزوه بدر جي رات، يعني اها رات جنهن جي ايندڙ ڏينهن تي غزوه بدر پيش آيو، ان رات) پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰی صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم بدر جي ميدان ۾ تشريف وٺي ويا ۽ (نشان لڳائيندي) فرمايائون: هٰذَا مَصۡرَعُ فُلَانٌ وَهٰذَا مَصۡرَعُ فُلَانٌ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ يعني اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ! سڀاڻي فلاڻو هتي ڪرندو (مثلاً هن جڳهہ تي ابوجهل ڪرندو، هتي عُتبہ ڪِرندو، هتي شيبہ ڪِرندو) حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: فَوَالَّذِیۡ بَعَثَهٗ بِالۡحَقِّ مَا اَخۡطَئُوۡا الۡحُدُوۡدَ الَّتِیۡ حَدَّ رَسُوۡلُ اللّٰهِ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم يعني ان ذات جي قسم جنهن پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جن کي حق سان مَبعُوث فرمايو: جتي پياري محبُوب ٻڌايو هو، ڪو بہ غير مسلم ان جاءِ کان ذرو برابر بہ هيڏي هوڏي نہ ڪِريو.

سُبۡحٰنَ اللّٰه! هي آهي اسان جي پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو علمِ غيب...!! جنگ اڃان شروع ئي نہ ٿي آهي، ايندڙ ڏينهن تي ٿيڻي آهي، ان کان پهريان ئي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جنگ جا احوال ۽ ان جا نتيجا بيان فرمائي رهيا آهن ڄڻ تہ پورو نقشو پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي اکين جي سامهون هو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سڀ ڪجهہ ڏسي رهيا آهن ۽ ٻڌائي رهيا آهن تہ هيءَ اها جڳهہ آهي جتي ابوجهل

ڪرندو، هتي عُتبہ ڪرندو، هتي شيبہ ڪرندو. مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن حديث شريف ۾ 3 غيب جون خبرون آهن: **(1)** موت جي وقت جي خبر تہ فلاڻو شخص سڀاڻي مرندو **(2)** موت جي هنڌ جي خبر تہ فلاڻي جاءِ تي مرندو **(3)** حالتِ موت جي خبر تہ غير مسلم ٿي مرندو.

[1]عالم میں کیا ہے جس کی کہ تجھ کو خبر نہیں | ذرّہ ہے کون سا تری جس پر نظر نہیں
ارض و سما نہیں ہیں کہ شمس و قمر نہیں | کس چیز پر حبیبِ خُدا کا اثر نہیں
یہ علمِ غیب ہے کہ رسولِ کریم نے | خبریں وہ دیں کہ جن کی کسی کو خبر نہیں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آقا ڪريم جون دعائون

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم بدر جي ميدان ۾ پهتا تہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم ان جاءِ تي هڪ ڇپرو، يعني ڇانوَ واري جاءِ ٺاهي تہ جيئن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اُتي تشريف فرما رهن. روايتن ۾ اچي ٿو تہ: پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ ڇپري ۾ تشريف فرما رهيا.[2] پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم گهڻي دير تائين دعائون فرمائيندا رهيا، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ايترو لِيلائي لِيلائي دعائون فرمايون جو چادر مبارڪ ڪلهن تان ڪري پئي.[3] ابوبڪر صدِيق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ تي رقّت طاري ٿي وئي انهن تڙپندي عرض ڪيو: حَسْبُكَ يَارَسُوْلَ الله! يعني يارسول

---

1 مسلم، کتاب الجنة ...الخ، باب عرض مقعد المیت...الخ، صفحہ:1100، حدیث:2873۔
2 سیرۃ ابن ہشام، جز:2، جلد:1، صفحہ:211۔
3 مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب المغازی، باب غزوۃ بدر الکبریٰ و متی ...الخ، جلد:8، صفحہ:474، حدیث:32۔

الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ايتريون دعائون ڪافي آهن[1]. روايتن ۾ وڌيڪ اچي ٿو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اها رات ميدانِ بدر ۾ دعائون گهرندي گذاري.[2]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا شان آهي اسان جي محبوب آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو...!! علمِ پاڪ جي اها ڪيفيت آهي جو هڪ ڏينهن پهريان ئي جنگ جو پورو نقشو بيان ڪري ڇڏيائون، نتيجا بہ ٻڌائي ڇڏيائون! اهو بہ ٻڌائي ڇڏيائون تہ ابوجهل ڪٿي مرندو، عُتبہ ۽ شَيْبہ زخمي ٿي ڪٿي ڪرندا. ٻئي طرف الله پاڪ سان لَو لڳائڻ جي اها ڪيفيت آهي جو خوب ليلائي ليلائي دعائون فرمائي رهيا آهن.

## دعا گهرڻ جي عادت بڻايو!

افسوس! اڄڪلهہ اسان وٽ دعائون گهرڻ جي سوچ گهٽجندي پئي وڃي. هي تمام وڏو مسئلو آهي، ماڻهو دعائون ناهن گهرندا، تمام گهٽ ماڻهو دعائون گهرندا آهن، ڪيترائي اهڙا آهن، جيڪي مسجد ۾ ايندا آهن، نماز پڙهندا آهن، ڪي تہ اهڙا آهن، جيڪي دعا گهرندا ئي نہ آهن ۽ جيڪي گهرندا آهن، انهن جي حالت اها آهي جو ڪين دعا ۾ هٿ کڻڻ جو سليقو ئي معلوم نہ آهي، بس ٻن هٿن جي مُٺ ناهي، هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي، ڪجهہ رَٽيل جملا زبان سان ادا ڪري ڇڏيندا آهن، اهو بہ احساس نہ هوندو آهي تہ اسان ڳُهري ڪنهن ڪان رهيا آهيون؟ ۽ اهو بہ معلوم نہ هوندو آهي تہ ڳُهري ڇا رهيا آهيون؟ ياد رکو! **دعا خود هڪ عبادت بلڪ عبادت جو مغز آهي**. هيءُ بہ باقاعده هڪ ڪم آهي. اسان کي گهرجي تہ الله پاڪ جي حضور گهٽي ڪان گهٽيون دعائون گهرون، روئي روئي گهرون، الله پاڪ جي حضور هٿڙا کڻي التجا ڪيون جيڪو گهرڻو هجي، پنهنجي ربّ ڪريم ڪان گهرون، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡکَرِيۡم! نامراد نہ رهنداسين.

---

[1] بخارى، كتاب الجہاد و السير، باب ما قيل فى درع...الخ، صفحہ:752، حديث:2915۔

[2] مصنف ابن ابى شيبہ، كتاب المغازى، باب غزوة بدر الكبرىٰ و متى ...الخ، جلد:8، صفحہ:472، حديث:27۔

اڄڪلهه ماڻهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻ جو رواج به وڌندو پيو وڃي، ناحق سوال ڪندا آهن، شريعت انهن کي گهرڻ جي اجازت نه ڏيندي آهي پر پوءِ به اُهي سوال ڪندا آهن. هي به عام ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته چڱا ڀلا صحتمند جوان آهن، ڪمائي سگهن ٿا، محنت مزدوري ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ٻارن جو پيٽ پالي سگهن ٿا پر بس مفت خوري جي عادت پئجي وئي آهي، مسجد ۾ ايندا، الله پاڪ جي حضور سجدو ڪندا...!! جيئن ئي سلام ڦيريو، اتي ٻيهي روئڻ شروع ڪندا ۽ ماڻهن کان گهرڻ لڳندا آهن. اڙي الله پاڪ جا ٻانهؤ...!! جنهن جي حضور سجدو ڪيو، پيشاني زمين تي رکي سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى چيو، ان جو مطلب ڄاڻو ٿا ڇا آهي؟ پاڪ آهي، مون کي پالڻ وارو بلند و بالا رب. اهو جنهن کي اسان پاڪ چئي رهيا آهيون، بلند و بالا مڃي رهيا آهيون، ان کي پالڻ وارو مڃي، پيشاني زمين تي رکي رهيا آهيون، ته پوءِ ڀلا انهيءَ کان ئي گهرون...!! ان جي بارگاهه ۾ سوال ڪيون!

## مون کان دعا گهرو...!!

الله پاڪ فرمائي ٿو:

اُدْعُوْنِیْۤ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ
(پاره:24، سورة مؤمن:60)

ترجمو ڪنز العرفان: مون کان دعا ڪيو مان توهان جي دعا قبول ڪندس.

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي نه زبردست بشارت آهي! الله پاڪ فرمائي رهيو آهي: اي منهنجا ٻانهو...!! مون کان دعا گهرو...!! مان قبول ڪندس. هاڻي هن فرمانِ عاليشان کان پوءِ به جيڪڏهن اسان ماڻهن جي اڳيان ناحق هٿ ڦهلايون، ته ٻڌايو اسان بندگيءَ جو لحاظ ڪهڙو ڪيو...؟ تنهنڪري اسان کي گهرجي ته الله پاڪ کان دعائون گهرندا رهون.

# ماڻهن کان گُهرڻ جا نقصان

هڪ تمام عبرتناڪ واقعو آهي، حضرت بهلول دانا رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَیۡہ جيڪي مجذوب (يعني **اللّٰه جي عشق ۾ مست ۽ محو**) هئا، هڪ ڏينهن خليفي هارون الرشيد کين چيو: مان چاهيان ٿو ته توهان جي لاءِ روزاني جو ڪجهه خرچ مقرر ڪري ڇڏيان ته جيئن توهان بي فڪر ٿي الله پاڪ جي عبادت ۾ لڳي وڃو. حضرت بهلول دانا رَحۡمَةُ اللّٰہِعَلَیۡہ فرمايو: مان اهو منظور ڪري وٺان ها پر ان ۾ ڪجهه عيب آهن: **(1)** پهريون عيب هي آهي ته تون نه ٿو ڄاڻين ته مون کي ڇا گهرجي؟ **(2)** ٻيو عيب هي آهي ته تون نه ٿو ڄاڻين ته مون کي ڪڏهن گهرجي؟ **(3)** ٽيون عيب هي آهي ته تون نه ٿو ڄاڻين ته مون کي ڪيترو گهرجي؟ الله پاڪ اهو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو ۽ هُو پنهنجي حڪمتِ ڪامله سان مون تائين منهنجو رزق پهچائيندو آهي، هتي هڪ ٻيو به مسئلو آهي ٿي سگهي ٿو ته تون مون کان ناراض ٿي وڃين ته پوءِ تون منهنجو خرچ بند ڪري ڇڏين پر منهنجو رب ڪريم اهڙو ڪرم وارو آهي جو لکين گناهه هجڻ باوجود به رزق بند ناهي ڪندو ، تنهنڪري مان توکان ڪو به خرچ قبول نه ڪندس مان ته صرف الله پاڪ کان ئي طلب ڪندو رهندس.[1]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي ڳالهه سچي آهي، ٻانهو جيڪو پاڻ محتاج آهي، اُن کان ڪهڙو گهرڻ...؟ الله پاڪ کان گهرو! اهو ئي عطا ڪرڻ وارو آهي. لهٰذا اسان کي دعائون گهرڻ جي عادت اپنائڻ گهرجي. هاڻي جيئن ته رمضان شريف جو مبارڪ مهينو جاري آهي، دعائن جي قبوليت جو مهينو آهي ❁سحريءَ جي وقت دعائون گهرو! ❁افطار جي وقت دعائون گهرو! ❁تراويح کانپوءِ دعائون گهرون ! ❁تهجد پڙهي دعائون گهرو! اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! جهوليون پرجي وينديون. اچو! ترغيب جي لاءِ اوهان کي دعا جي فضيلت بابت ڪجهه حديثون ٻڌايان ٿو.

---

1 سبع سنابل، صفحہ:211۔

# دعا جون فضيلتون

۞ حديثِ قدسي ۾ آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو: اَنَا مَعَهٗ اِذَا دَعَانِیْ يعني جڏهن ٻانهو مون کان دعا گهرندو آهي ته مان ان سان گڏ هوندو آهيان.[1]

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هن مان خاص ڪرم ۽ رحمت سان گڏ هجڻ مراد آهي، الله پاڪ جي اها خاص رحمت دعا گهرڻ واري کي نصيب ٿيندي آهي.[2] ۞ حديث شريف ۾ آهي: دعا کان عاجز نه ٿيو، ڇو ته ڪو به شخص دعا سان هلاڪ نه ٿيندو.[3] ۞ هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي: دعا مسلمان جو هٿيار، دين جو ٿنڀو ۽ آسمان جو نور آهي.[4] ۞ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا مان توهان کي اهڙي شيءِ جي باري ۾ نه ٻڌايان، جيڪا توهان کي توهان جي دشمن کان نجات ڏياري ۽ توهان جي رزق کي وسيع ڪري، رات ڏينهن الله پاڪ کان دعا گهرندا رهو ڇو ته دعا مؤمن جو هٿيار آهي.[5]

الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان دعائون گهرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# غزوهءِ بدر جا 2 اهم سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن پاڪ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي غزوهءِ بدر جو ذڪر ڪيو ويو آهي، سورت انفال ۾ ان جو تفصيلي بيان آهي. ان جاءِ تي غزوهءِ بدر جو ذڪر ڪرڻ کان پوءِ الله پاڪ اسان کي ڪجهه حڪم ڏنا آهن. انهن مان صرف

---

1 مسلم، كتاب الذكر...الخ، باب فضل الذكر...الخ، صفحه:1036، حديث:2675۔
2 فضائلِ دُعا، صفحه:49 بتصرف.
3 مستدرک، كتاب الدعا...الخ، جلد:2، صفحه:164، حديث:1861۔
4 مستدرک، كتاب الدعا...الخ، جلد:2، صفحه:162، حديث:1855۔
5 مسند ابی يعلی، جلد:2، صفحه:123، حديث:1812۔

۽ حڪم مان عرض ڪيان ٿو. ايئن سمجهو تہ ۞ غزوهٔ بدر ۾ ظاهري اسباب غير مسلمن وٽ وڌيڪ هئا ۞ تعداد بہ انهن جو وڌيڪ هو ۞ هٿيار بہ انهن وٽ وڌيڪ هئا ۞ ڪاڌي پيتي جو سامان بہ انهن وٽ وڌيڪ هو، ان جي باوجود بہ غزوهٔ بدر ۾ غير مسلمن کي شڪست ٿي ۽ مسلمانن کي عظيم الشان فتح نصيب ٿي ان جو ڪارڻ ڇا هو...؟ ان جاءِ تي ان جي غيبي سببن کي بيان فرمايو ويو آهي ۽ اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ: اي مسلمانو! هنن حڪمن جا پابند بڻجي وڃو، جهڙي طرح بدر جي ميدان ۾ **313** کي **1000** تي فتح عطا ڪئي وئي، اهڙي طرح توهان کي بہ دنيا ۽ آخرت جي هر ميدان ۾ ڪاميابي عطا ڪئي ويندي. اهي **2** حڪم ڪهڙا آهن؟ ٻڌو!

## (1) اللّٰه ۽ رسول جي فرمانبرداري

پهريون حڪم هي تہ الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ<br>(پاره:10، سورة انفال:46) | ترجمو ڪنزالعرفان: اللّٰه ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪيو |

يعني اي مسلمانو...!! هر وقت، هر حال ۽ هر ميدان ۾ اللّٰه ۽ سندس رسول جي فرمانبردار رهو...!! اللّٰه ۽ رسول جي حڪم کي مڃڻ وارا، هن تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃو. ان جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟ جيئن بدر وارن کي فتح عطا ڪئي وئي هئي، ايئن توهان کي بہ هر ميدان ۾ ڪاميابي نصيب ڪئي ويندي.

معلوم ٿيو، مسلمان جي ڪاميابي لاءِ سڀ کان بنيادي شيءِ اطاعت آهي، جيڪو اللّٰه ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪندو آهي، ان کي هر ميدان ۾ ڪاميابي عطا ڪئي ويندي آهي، جيڪو اللّٰه ۽ رسول جي نافرمان هجي، ان کي دنيا ۾ بہ رسوائي کي مُنهُن ڏيڻو پوندو آهي ۽ آخرت ۾ بہ نقصان ڪڻندو آهي.

# اطاعت ڪاميابيءَ جي پهرين شرط آهي

ٻين قومن جو انداز ڪهڙو به هجي، البته هڪ مؤمن شخص لاءِ هر سطح تي ڪاميابي جو پهريون شرط الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت آهي. جيڪڏهن يقين نه اچي ته تاريخ کولي ڏسو، مسلمانن جڏهن به الله ۽ رسول جي حڪمن تي پنهنجو عمل ڪيو، ڪاميابي انهن جو مقدر بڻجي ۽ جڏهن  به الله ۽ رسول جي نافرماني ڪئي  ته ذلت ۽ رسوائي ئي نصيب ٿي آهي.

غزوهءِ بدر کي ئي ڏسو! **313**  مسلمانن جي شاندار فتح جي سببن مان هڪ بنيادي سبب  اطاعت ۽ فرمانبرداري آهي. الله پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي ساڻ ڪري مدينه منوره کان روانا ٿيا، ان وقت جنگ جو ارادو نه هو، بلڪ مقصد ڪجهه ٻيو هو، رستي ۾ خبر پئي ته مڪي جا ڪافر لشڪر ساڻ ڪري بدر جي ميدان ۾ گڏ ٿي رهيا آهن، جنهن تي پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام  رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم سان مشورو فرمايو ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق ۽ مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم ۽ ٻين مهاجر صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! (توهان جي خاطر ئي مَڪو ڇڏيو، پنهنجو گهر ٻار قربان ڪيو) هاڻي پنهنجيون جانيون به قربان ڪنداسين. پوءِ پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انصارن ڏانهن متوجهه ٿيا، حضرت سعد بن عباده رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ اٿي بيٺا، عرض ڪيائون: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! شايد توهان اسان جي راءِ معلوم ڪرڻ چاهيو ٿا، اي الله پاڪ جا آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! بدر جو ميدان ته ڪا ڳالهه ئي نه آهي، اوهان حڪم ڪيو ته اسان سمنڊ ۾ به لهڻ لاءِ تيار آهيون. ٻئي انصاري صحابي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ اٿي بيهي  عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان بني اسرائيل وانگر ناهيون، جن حضرت موسىٰ عليه السلام کي چيو هو:

فَاذْهَبْ اَنْتَ وَ رَبُّكَ فَقَاتِلَاۤ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ۝۲۴ (پاره:6، سورهٔ مائده:24)

ترجمو ڪنزالعرفان: تون ۽ تنهنجو رب ٻئي وڃو ۽ وڙهو، اسان ته هتي ئي ويٺا آهيون.

يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اسان اوهان تي پنهنجون جانيون نثار ڪري ڇڏينداسين.[1]

هي اطاعت جو جذبو جيڪو صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمجي دلين ۾ هو، اصل ۾ اهو ئي جذبو هو جيڪو **313** کي ميدانِ بدر ۾ وٺي به ويو ۽ فتح سان مشرف به ڪري ڇڏيو. هڪ شاعر ڏاڍي خوبصورت ڳالهه ڪئي آهي ته ميدانِ بدر ۾ صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم وٽ تلوارون به پوريون نه هيون، جنگي سامان به گهٽ نه هو، افرادي قوت به گهٽ هئي، ان جي باوجود به هو ميدانِ بدر ۾ ڇو ويا؟ ڪهڙي ڀروسي تي ميدان ۾ لٿا؟ ته شاعر چيو آهي:

تھے ان کے پاس دو گھوڑے ، چھ زرہیں ، آٹھ شمشیریں
پلٹنے آئے تھے یہ لوگ دُنیا بھر کی تقدیریں
نہ تیغ وتیر پر تکیہ، نہ خنجر پر نہ بھالے پر
بھروسا تھا تو اِک سادی سی پیاری چادر والے پر

هي آهي ڪاميابي جو اصل بنياد...!! ان کان سواءِ هڪ مسلمان جي ڪاميابي ممڪن ئي نه آهي. لهٰذا اسان کي گهرجي ته هميشه الله ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪندا رهون. ان سان ڪو به فرق نه ٿو پوي ته اسان ڇا آهيون؟ ۞ جيڪڏهن ڪو ڊاڪٽر آهي ته اهو ڊاڪٽر هوندي الله ۽ رسول جي حڪمن جو پابند آهي ۞ ڪو سائنسدان آهي ته اهو به شريعت جي حڪمن جو پابند آهي ۞ ڪو مزدور آهي يا بادشاهه ۞ امير آهي يا غريب ۞ گهر ۾ آهي يا ٻاهر ۞ بازار

1 تفسير ڪبير، پاره:9، سورهٔ انفال، زيرِ آيت:5-6، جلد:5، صفحه:456-457ملخصاً.

۾ آهي يا مسجد ۾ ۞ مطلب ته ڪهڙو به وقت هجي، ڪهڙو به لمحو هجي، ڪهڙي به حالت هجي، اسان هر وقت، هر حالت ۾ الله ۽ رسول جي حڪمن جا پابند آهيون. جيستائين اسان اها اطاعت ڪندا رهنداسين، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪاميابي اسان جا قدم چمندي رهندي، جيئن ئي اسان هن فرمانبرداري ڪان منهن موڙيندا سين، تنزلي جو سفر شروع ٿي ويندو.

## وليد بن يزيد جي گستاخي ۽ انجام

بنو اُميه جي خلافت ۾ هڪ بادشاهه ٿي گذريو آهي: وليد بن يزيد. جيڪو نهايت سرڪش ۽ بيباڪ هو. حديث پاڪ ۾ ارشاد ٿيو آهي: منهنجي امت ۾ وليد نالي هڪ شخص ٿيندو، جيڪو فرعون ڪان به وڌيڪ سرڪش هوندو. علماءِ ڪرام هن حديث پاڪ مان اهو ئي **وليد بن يزيد** مراد ورتو آهي. هڪ ڀيرو وليد بن يزيد قرآن ڪريم مان فالَ ڪڍي. قرآن ڪريم مان فالَ ڪڍڻ هونئن ئي ناجائز آهي، چوته قرآن مجيد فالَ ڪڍڻ لاءِ نه، پر هدايت جي لاءِ نازل ٿيو آهي پر وليد بدبخت ته هئو ئي، هن کي جائز يا ناجائز جي ڪهڙي پرواهه هئي، هن فالَ ڪڍي ته جيڪا آيتِ ڪريمه سامهون آئي، اها ڄڻ ته هن جي پنهنجي ئي زندگيءَ جو پورو پورو نقشو پيش ڪري رهي هئي. فالَ ۾ جيڪا آيت نڪتي، اها سيپاري **13**، سورت ابراهيم جي آيت نمبر **15** هئي، ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| خَابَ كُلُّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿۱۵﴾ | ترجمو ڪنزالعرفان: هر سرڪش، ضدي ناڪام ٿيو. |

وليد جڏهن هيءَ آيت پڙهي ته ان تي اقتدار جو ڀوت سوار ٿي ويو ۽ غرور ۽ تڪبر ۾ بد مست ٿي ان بي لغام مَعاذَالله! قرآن ڪريم کي شهيد ڪري بي ادبيءَ سان اڇلائي ڇڏيو ۽ گستاخيءَ سان چيائين: ڇا تون سرڪش ۽ ضدي کي وعيد ٻڌائين ٿو؟ ها! مان آهيان سرڪش ۽ ضدي، جڏهن تون قيامت جي ڏينهن الله

پاڪ جي سامهون وجين تہ وجي ٻڌائجان تہ وليد مون سان هي سلوڪ ڪيو آهي.

تاريخ گواهہ آهي تہ هن واقعي کان ڪجھہ ئي ڏينهن کان بعد وليد بن يزيد جو سِرُ ڌڙ کان ڌار ڪري، ان جي ئي محل ۾ لٽڪايو ويو، سندس چاچي جي پٽ ئي ان جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ اعلان ڪرايو تہ جيڪو وليد جو سِرُ ڪٽي ڪٽي ايندو، ان کي هڪ لک درهم (يعني چاندي جا سڪا) انعام طور ڏنا ويندا. آخرڪار وليد جو سِرُ ڪٽي ان جي چاچي جي پٽ جي آڏو پيش ڪيو ويو. هن ڪجھہ ڏينهن تہ وليد جو سِرُ سندس محل ۾ ئي لٽڪائي رکيو، پوءِ چونڪ تي ٽنگي ڇڏيو. (1)

ملے خاک میں اَہلِ شاں کیسے کیسے | مکیں ہو گئے لامکاں کیسے کیسے
ہوئے نامور بےنشاں کیسے کیسے | زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے
جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے | یہ عبرت کی جا ہے، تماشا نہیں ہے

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي نہ عبرت جهڙي ڳالھہ آهي! وقت جو بادشاهہ آهي، پر جڏهن الله ۽ رسول جي فرمانبرداريءَ کان ٻاهر نڪتو، نافرمانيءَ جي راهہ ورتائين تہ سندس تي قهر نازل ٿيو. معلوم ٿيو تہ تباهي جو سفر الله ۽ رسول جي نافرمانيءَ کان شروع ٿيندو آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ هر وقت الله ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪندا رهون.

## مزاج يا شريعت

افسوس! اسان وٽ هي دستور بڻجندو پيو وڃي تہ ماڻهو شريعت کان وڌيڪ پنهنجي مزاج کي ڏسندا آهن. جيڪو دل ۾ ايندو آهي، اهو ڪندا آهن، الله ۽ رسول ڇا فرمايو آهي؟ شريعت ان بابت ڇا چيو آهي؟ اهو سوچڻ ئي گوارا نہ ڪندا آهن ۞ دل ۾ خيال آيو تہ ڪاروبار ڪرڻو آهي، پر جيڪو ڪرڻ وڃي رهيا آهن، اهو حلال آهي يا حرام؟ جائز آهي يا ناجائز؟ ان جي پرواهہ ئي نہ ڪئي

---

1...حَيَاةُ الحيوان، جلد:1، صفحہ:108ملتقطاً۔

ويندي آهي ۞ شادي وهانءُ وغيره خوشيءَ جو موقعو هجي تہ جيڪو دل ۾ اچي، اهو ئي انتظام ڪيو ويندو آهي، ڳائڻ وڄائڻ حرام آهي، ان جي پرواهہ نہ ڪئي ويندي آهي، ڍُهل دمامن جي شرعاً اجازت ناهي، ان جي بہ پرواهہ ناهي ڪئي ويندي، بس چوڻ اسان چاهيندا آهيون تہ خوشيءَ جو موقعو آهي ڳانا باجا هجن، ٺهنڪري ماٺهو ڪندا آهن ۞ ماٺهو ڪپڙا خريد ڪندا آهن، سبرائيندا آهن، ڪائيندا پيئندا آهن، هزارين قسم جا معاملا ڪندا آهن، انهن ۾ بہ صرف پنهنجي مزاج کي ڏسندا آهن، منهنجي پسند ڪهڙي آهي؟ مون کي ڪهڙي شيءِ سٺي لڳندي آهي؟ اهو ڏٺو ويندو آهي، اللّٰه ۽ رسول جي رضا ڇا ۾ آهي؟ گنبذِ خضريٰ واري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت ڇا آهي؟ انهن ڳالهين جو تمام گهٽ ماٺهو خيال ڪندا آهن، بس پنهنجي مزاج تي هلندا آهن. ڪاش! اسان جي اها عادت بڻجي وڃي تہ اسان هر حال ۾ شريعت کي پنهنجو پيشوا بڻائڻ وارا بڻجي وڃون.

## فرمانبردار جنت جا حقدار آهن

صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: منهنجي سڄي اُمت جنت ۾ داخل ٿيندي سواءِ ان جي جنهن انڪار ڪيو. عرض ڪيو ويو: اهو انڪاري ڪير آهي؟ فرمايائون: جنهن منهنجي اطاعت ڪئي، اهو جنت ۾ داخل ٿيو ۽ جنهن منهنجي نافرماني ڪئي اهو انڪار ڪرڻ وارو آهي.[1]

اللّٰه پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي. ڪاش! اسان پنهنجي هر معاملي ۾ شريعت جي پابندي ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (2): شيطان جي چالن کان بچو....!!

1 بخاري، ڪتاب الاعتصام بالڪتاب و السنة، باب الاقتداء...الخ، صفحہ:1762، حديث:7280۔

غزوهءِ بدر مان ملڻ وارو هڪ ٻيو سبق ٻڌو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ اِذْ زَیَّنَ لَهُمُ الشَّیْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ وَ قَالَ لَا غَالِبَ لَكُمُ الْیَوْمَ مِنَ النَّاسِ وَ اِنِّیْ جَارٌ لَّكُمْ ۚ فَلَمَّا تَرَآءَتِ الْفِئَتٰنِ نَكَصَ عَلٰى عَقِبَیْهِ (پاره:10، سورۀ انفال:48)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ (ياد ڪيو) جڏهن شيطان انهن جي نگاهه ۾ سندن عمل خوبصورت ڪري ڏيکاريا ۽ شيطان چيو: اڄ ماڻهن مان ڪو توهان تي غالب اچڻ وارو ناهي ۽ بيشڪ مان توهان جو مددگار آهيان پوءِ جڏهن ٻئي لشڪر آمهون سامهون ٿيا ۽ شيطان پوئين پير ڀڳو

روايتن مطابق جڏهن مڪي جي غيرمسلمن، ميدانِ بدر ۾ پهچڻ ۽ مسلمانن سان جنگ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو ته انهن کي ياد آيو ته رستي ۾ بنو بڪر نالي قبيلو اچي ٿو، انهن سان اسان جي دشمني آهي، ڪٿي ائين نه ٿئي جو اسان بدر ڏانهن (جنگ لاءِ) نڪرون ۽ بنو بڪر قبيلي وارا اسان تي حملو ڪري ڏين، ممڪن هو ته اهي ماڻهو هي سوچي بدر ڏانهن وڃڻ کان رُڪجي وڃن ها، پر شيطان مردود کي اهو هرگز منظور نه هو، تنهنڪري هن چا ڪيو جو بنو ڪنانہ قبيلي جي سردار سُراقہ جي شڪل ۾ انهن وٽ آيو ۽ چيائين: توهان ڪو به فڪر نه ڪيو! مان توهان سان گڏ آهيان، توهان جي حفاظت جي ذميواري مان کڻان ٿو. اڄ اوهان تي ڪو به غالب نه ايندو.

جيئن ته مڪي جي غيرمسلمن ان تي ڀروسو ڪيو ۽ ميدانِ بدر ڏانهن روانا ٿي ويا. هاڻي چا ٿيو جڏهن شيطان مردود ڏٺو ته الله پاڪ مسلمانن جي مدد لاءِ ملائڪ موڪليا آهن، ته هو پُٺي ڦيري ڀڄڻ لڳو، ماڻهو کيس سڏيندا رهيا ته: اي سراقہ! تون ته اسان جي ضمانت کنئي هئي، هاڻي ڪاڏي وڃي رهيو آهين...؟ شيطان وراڻيو: بيشڪ مان توهان کان بيزار آهيان، مان اهو ڏسي رهيو آهيان، جيڪو

اوهان نہ ڏسي رهيا آهيو.[1]

الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ان مان معلوم ٿيو تہ مڪي جي غيرمسلمن وٽ ساز و سامان جي ڪمي نہ هئي، طاقت ۽ قوت جي بہ ڪمي نہ هئي، تنهن هوندي بہ کين شڪست ملي، ان جو هڪ سبب هي بہ هو تہ انهن شيطان مردود جي پيروي ڪئي، جڏهن اهي شيطان جي پويان لڳا تہ شيطان انهن کي باهہ ۾ اڇلي پاڻ فرار ٿي ويو. الله پاڪ اسان کي حڪم ڏنو آهي:

| | |
|---|---|
| وَلَاتَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ خَرَجُوْامِنْ دِيَارِهِمْ بَطَرًا وَّرِئَآءَالنَّاسِ (پاره:10، سورۀ اَنْفال:47) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ انهن ماڻهن وانگر نہ ٿجو جيڪي پنهنجن گهرن مان وڏائي ڪندي ۽ ماڻهن کي ڏيکاءُ ڪندي نڪتا |

يعني اي مسلمانو...!! ڏسو! هي بدر جو واقعو توهان لاءِ عبرت آهي. مڪي جا غيرمسلم...!! جن جو بظاهر پَلڙو ڀاري هيو، تنهن هوندي بہ شڪست کاڌائون. اهي پنهنجن گهرن مان تڪبر ڪندي نڪتا هئا، پنهنجي طاقت ۽ شهرت جي هاڪَ ويهارڻ لاءِ نڪتا هئا، پر جڏهن شيطان جي پيروي ڪيائون تہ کين ذلت ۽ رسوائيءَ جو منهن ڏسڻو پيو. اي مسلمانو...!! توهان هرگز انهن وانگر نہ ٿجو، ڏيکاءُ نہ ڪجو، فخر ۽ غرور ۾ نہ پئجو، شيطان جي پيروي نہ ڪجو، نہ تہ اوهان بہ ناڪامين جو منهن ڏسندؤ.

## شيطان اسان جو دشمن آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! شيطان اسان جو دشمن آهي ۞ خوشي هجي يا غمي ۞ عيد هجي يا رمضان ۞ ڪهڙو بہ وقت هجي ۞ ڪهڙو بہ ڏينهن هجي ۞ اسان کي هن بدبخت کي هميشہ پنهنجو دشمن ئي سمجهڻو آهي ۞ ڪنهن

---

1 صراط الجنان، پاره:10، سورۀ انفال، زيرِ آيت:48، جلد:4، صفحہ:22-23۔

هِہ وقت ان جي چار ۾ ڦاسڻو نہ آهي. اللّٰہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمْ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوْهُ عَدُوًّا ؕ
(پاره:22، فاطر:6)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ شيطان توهان جو دشمن آهي سو توهان بہ ان کي دشمن سمجهو

يعني اي انسانو! اللّٰہ پاڪ جي عبادت تي قائم رهي ۽ اللّٰہ پاڪ جي نافرماني ۾ شيطان جي پيروي نہ ڪندي، شيطان سان دشمني جاري رکو! ان کي هميشہ پنهنجو دشمن ئي سمجهو! [(1)]

ڪيڏو واضح حڪم آهي! شيطان اسان جو دشمن آهي ۽ اسان کي حڪم ڏنو پيو وڃي تہ هن بدبخت لعنتي کي هميشہ دشمن ئي سمجهو...!!

اسان کي گهرجي تہ ان کي دشمن سمجهون. هاڻي ٻڌايو! جيڪو دشمن هجي، ڇا ٻانهو ان جي ڳالهہ مڃيندو آهي؟ ان جي پيري ڪندو آهي؟ ان جي طرف وڌندو آهي؟ نہ، هرگز نہ. تنهنڪري ۞ جڏهن شيطان چئي: نماز نہ پڙهو! تہ اسان کي ان جي ڳالهہ نہ مڃڻي آهي ۞ جڏهن شيطان گناهہ جو وسوسو وجهي، تہ ان جي ڳالهہ نہ مڃڻي آهي ۞ جڏهن شيطان غربت جو وسوسو وجهي، تہ ان جي ڳالهہ نہ مڃڻي آهي، پر دل کولي سخاوت ڪرڻي آهي ۞ شيطان نيڪي کان روڪي، تہ اسان کي رڪڻو نہ آهي، بلڪ نيڪ ڪم جاري رکڻا آهن. مطلب تہ ڇا بہ ٿي پئي اسان کي هر وقت شيطان کي پنهنجو دشمن ئي سمجهڻ گهرجي ۽ ان خبيث کان بچڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا رهون.

## شيطان جا 10 دروازا ۽ انهن کان بچڻ جو طريقو

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: مون غور ڪيو تہ شيطان جا دروازا ڪهڙا آهن جن جي ذريعي هو انسان کي ڀُلائي وجهندو آهي؟ تہ مون کي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ معلوم ٿيو تہ شيطان جا **10** دروازا آهن ۽ انهن کان بچڻ جا بہ

1...مڪاشفة القلوب، باب فی عداوة الشيطان، صفحہ:69۔

**10** طريقا آهن: **(1)** شيطان لالچ جي رستي انسان تي حملو ڪندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ ماڻهو قناعت اختيار ڪري (يعني جيڪو ڪجهہ ۽ جيتري مقدار ۾ الله پاڪ عطا ڪيو آهي، ان تي خوش رهي) **(2)** شيطان ڊگهي اميد ڏياري انسان کي پُلائيندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ ماڻهو موت کي هر وقت پنهنجي سامهون سمجهي **(3)** شيطان راحت آرام ۽ دنيا جي نعمتن ۾ غرق ڪرڻ جي رستي حملو ڪندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ ٻانهو نعمتن جي زوال ۽ انهن جي حساب جو فڪر ڪري **(4)** شيطان خودپسندي (يعني پنهنجو پاڻ تي فخر ڪرڻ) جي رستي حملو ڪندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ ماڻهو الله پاڪ جي احسانن کي ياد رکي ۽ بُري انجام کان ڊڄندو رهي **(5)** مسلمان ڀائرن کي حقير ۽ ڪمتر سمجهڻ جي ذريعي حملو ڪندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ ماڻهو پنهنجي مسلمان ڀائرن جي عزت ڪندو رهي **(6)** شيطان حسد يعني ساڙ جي ذريعي انسانن کي گمراهہ ڪندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ ماڻهو الله پاڪ جي تقسيم تي راضي رهي ۽ ٻين کي مليل نعمتن کي حسرت ڀرين نگاهن سان نہ ڏسي **(7)** شيطان رياڪاريءَ جي رستي حملو ڪندو آهي، ان جو علاج اخلاص ۾ آهي تہ ٻانهو صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جو طلبگار ٻڻجي وڃي **(8)** شيطان ڪنجوسيءَ ذريعي انسان کي گمراهہ ڪندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ ماڻهو آخرت جي نعمتن کي ياد رکي ۽ دنيا جو مال رب جي راهہ ۾ خرچ ڪندو رهي **(9)** شيطان تڪبر جي رستي حملو ڪندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ ماڻهو عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪري **(10)** شيطان لالچ (يعني ٻين وٽ موجود نعمتن کي حسرت ڀري نظر سان ڏسڻ) رستي ڀٽڪائيندو آهي، ان جو علاج هي آهي تہ ماڻهو صرف ربّ پاڪ جي عطائن تي نظر رکي ۽

ماڻهن وٽ موجود شين کان بي نياز ٿي وڃي.(1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي شيطان جا ڪجهه دروازا آهن، جن جي ذريعي شيطان اسان کي گمراهه ڪندو آهي ❁نمازن ۾ سُستي شيطان جو دروازو آهي ❁ پنهنجن گناهن کي وساري ڇڏڻ به شيطان جو دروازو آهي ❁ پيٽ ڀري کائڻ به شيطان جو دروازو آهي ❁ لالچ ❁ ڊگهيون اميدون ❁ آرام پسندي ❁ خودپسندي ❁ پنهنجي مسلمان ڀائرن کي حقير سمجهڻ ❁ حسد ڪرڻ ❁ رياڪاري ۽ ڪنجوسي وغيره، هي سڀ شيطان جا دروازا آهن. اسان کي گهرجي ته انهن ظاهري ۽ باطني برائين کان هميشه بچندا رهون ته جيئن اسان شيطان جي حملن کان محفوظ رهي سگهون.

## شيطان کان بچڻ جا ڪجهه وڌيڪ طريقا

ان کان علاوه شيطان کان بچڻ جا ڪجهه ٻيا به طريقا آهن. **جن مان هڪ طريقو ڪثرت سان الله جو ذڪر ڪرڻ آهي.** حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه کان روايت آهي ته ڪنهن الله پاڪ کان سوال ڪيو ته: مون کي انسان جي دل ۾ شيطان جي جاءِ ڏيکار ، خواب ۾ هن شيشي وانگر بلڪل صاف شفاف هڪ انساني جسم ڏٺو، جيڪو اندران ۽ ٻاهران بلڪل هڪجهڙو نظر اچي رهيو هو، شيطان کي ڏٺائين ته هُو ان انسان جي کاٻي ڪلهي ۽ ڪن جي وچ ۾ ڏيڏر جي شڪل ۾ ويٺو آهي ۽ پنهنجي ڊگهي سونڊ سان ان جي دل ۾ وسوسا وجهي رهيو آهي. جنهن وقت اهو انسان الله جو ذڪر ڪري رهيو هو ته شيطان فوري طرح پوئتي هٽي پئي ويو.(2)

## تَعوُذ پڙهڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! شيطان کان بچڻ جو هڪ بهترين طريقو تَعوُذ يعني أَعُوذُبِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ جي ڪثرت ڪرڻ به آهي. يعني اسان اُٿندي، ويهندي، گهمندي،

---

1... تنبيه الغافلين،باب عداوة الشيطان و معرفة مكايده، صفحه345 ملخصاً ۔
2 ... مكاشفة القلوب، باب عداوة الشيطان، صفحه:79۔

قرندي ڪثرت سان أَعُوذُبِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهندا رهون. ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اسان شيطاني چالن کان محفوظ رهنداسين. حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو شخص ڏينهن ۾ 10 ڀيرا أَعُوذُبِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهندو ته الله پاڪ هڪ فرشتو مقرر ڪري ڇڏيندو آهي جيڪو شيطان کي ان شخص کان ائين پري ڀڄائيندو آهي جيئن عرب جا ماڻهو اُٺَ کي پاڻي جي تلاءَ کان پري ڀڄائيندا آهن. (1)

## تَعَوُّذ جي برڪت

حضرت ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته مون هڪ جاءِ تي شيطان کي جهڪيل ڏٺو ته مون ان تي لٺ سان وارَ ڪرڻ جو ارادو ڪيو، شيطان مون کي چيو: اي ابو سعيد! ڇا توهان نه ٿا ڄاڻو ته مون کي لٺ ۽ دنياوي هٿيارن جو ڪو خوف ناهي؟ مون پڇيو: اي ملعون! توکي ڪهڙي شيءِ خوف ۾ مبتلا ڪندي آهي؟ شيطان جواب ڏنو: مون کي (هن دنيا ۾ صرف) 2 شيون خوفزده ڪنديون آهن: (1) تعوّذ پڙهڻ وارن جو تعوّذ يعني أَعُوذُبِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهڻ (2) صديقن جي معرفت جي روشني. (2)

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو ته اَعُوْذُبالله پڙهڻ سان شيطان ڀڄندو آهي، الله پاڪ اسان کي هن بدبخت کي ڀڄاريندو رهڻ ۽ سندس فريب کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اجتماعي اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! شيطاني چالن کان پاڻ کي بچائڻ ۽ نيڪين سان ڀرپور زندگي گذارڻ لاءِ دعوتِ اسلامي سان وابسته ٿي وڃو. رمضان المبارڪ جو بَرڪتن

1...سلوة العارفين، باب فضيلة التعوذ، جلد:1، صفحه:124-
2... سلوة العارفين، باب فضيلة التعوذ، جلد:1، صفحه:124-

پريو مهينو جاري آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي تحت سڄي دنيا ۾ هزارين جاين تي آخري ڏهہ ڏينهن جو اجتماعي سنت اعتڪاف بہ ڪرايو ويندو آهي، ٿي سگهي تہ اوهان بہ اجتماعي اعتڪاف جي نيت ڪري ڇڏيو! پيارا آقا، مڪّي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اعتڪاف سان وڏي محبت هئي، ايستائين جو پاڻ دنيا مان رحلت فرمائڻ تائين هر سال رمضان شريف جي آخري ڏهن ڏينهن جو اعتڪاف فرمائيندا هئا.[1] آخري عشري جي اعتڪاف جي فضيلت بيان ڪندي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن رمضان شريف ۾ 10 ڏينهن جو اعتڪاف ڪيو، اهو ايئن آهي جيئن 2 حج ۽ بن عمرا ڪيا.[2] اِنْ شَآءَالله الْكَرِيْم! رمضان المبارڪ ۾ گناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ، نفلي عبادتن جو شوق وڌڻ سان گڏوگڏ تمام گهڻو علمِ دين سکڻ جو موقعو بہ ملندو.

## اجتماعي اعتڪاف جي مدني بهار

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو هي آهي: هڪ دفعي هڪ عاشقِ رسول اسلامي ڀاءَ مون کي اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، مون انهن جي دعوت تي دعوتِ اسلامي جي رمضان شريف ۾ ٿيندڙ اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت جو شرف حاصل ڪيو. دورانِ اعتڪاف مبلغين اسلامي ڀائرن جا سنتن ڀريا بيان، پُرسوز مناجات ۽ رقّت انگيز دعائن سان منهنجي دل جي دنيا بدلجي وئي. مون پنهنجي گناهن کان توبہ ڪندي دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويس. ان جي برڪت سان منهنجي ڪردار ۽ گفتار ۾ مثبت تبديليون اچڻ لڳيون، مون عمامي شريف جو تاج بہ سجايو، سنت موجب ڏاڙهي شريف بہ رکي ۽ اَلحمدُ الله پنج وقت نماز جو پابند بہ بڻجي ويس.

---

1 ترمذی، 790۔

2 جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8479۔

آئيں گی سُنّتیں، جائیں گی شامتیں | دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
تم سدھر جاؤ گے، پاؤ گے برکتیں | دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
مرضِ عصیاں سے چھٹکارا چاہو اگر | دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
فضلِ رب سے ہدایت بھی جائے گی مل | دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
نیکیوں کا تمھیں خوب جذبہ ملے | دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي، هن وقت **80** کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! ❁هزارين مدرسا ۽ جامعات قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ لکين طلبا و طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ❁المدينة العلميہ (**اسلامڪ ريسرچ سينٽر**) جي ذريعي امت کي اسلامي لٽريچر (مواد) مهيا ڪيو پيو وڃي ❁سوشل ميڊيا جي ذريعي ڪروڙين ماڻهن کي اسلامي معلومات مهيا ڪئي پئي وڃي ❁مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي، ڪڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام ❁۽ سموري دنيا ۾ مسلمانن جي خيرخواهي جي لاءِ قائم ڪيل شعبي *(FGRF)* جي ذريعي ڏڪايل مسلمانن جي خدمت ڪرڻ جو سلسلو به جاري آهي.

**توهان به خدمتِ دين جي هن نيڪ ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو، توهان جا عطيات يعني چندو ڪنهن به نيڪ، جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خير خواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو نه جيئن وڌنڌڙ خرچن جو پورائو ڪري سگهجي.**

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! جتي الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ سعادت منديءَ وڏي نيڪي جو ڪم آهي، اتي چندو گڏ ڪرڻ ۽ ان لاءِ ڪوشش ڪرڻ بہ وڏن فائدن کان خالي ناهي. اعلىٰ حضرت امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: ڪنهن بہ ديني ضرورت لاءِ چندو ڪرڻ جائز ۽ سنت مان ثابت آهي.[1] وڌيڪ فرمائن ٿا: (ديني ڪمن لاءِ) چندو گڏ ڪرڻ صحيح حديثن مان ثابت آهي ۽ نيڪي جي ڪمن لاءِ چندو ڪرڻ نيڪي ڏانهن رهنمائي ڪرڻ جي برابر آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو بہ ڪارِ خير (نيڪي جي ڪم) جي رهنمائي ڪري. ان کي بہ ايترو ئي اجر ملندو آهي، جيترو ڪارِ خير (نيڪي) ڪندڙ کي ملندو آهي. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم هفتيوار رسالي جو مطالعو ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جو خوف حاصل ڪرڻ، نيڪين سان ڀرپور زندگي گذارڻ، الله پاڪ جي عبادت ۽ نيڪ عملن جو جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، **12** ديني ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺو، اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار رسالي جو مطالعو ڪرڻ بہ آهي.

سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَلْعِلْمُ بِالتَّعَلُّمِ يعني علم سکڻ

1 فتاوىٰ رضويہ، جلد:16، صفحہ:418۔

سان ايندو آهي. [1] ❁موجوده دور جي بُراين مان هڪ وڏي بُرائي اها بہ آهي تہ ماڻهو علمِ دين کان پري ٿيندا پيا وڃن ❁ ديني ڪتاب پڙهڻ جو شوق نہ هئڻ جي برابر آهي ❁ اڳي زماني جا ماڻهو ديني ڪتابن ۾ تمام گهڻي دلچسپي رکندا هئا ❁ ڏينهن رات ڪتاب پڙهندا هئا ❁ جنهن ڪري انهن وٽ ديني معلومات بہ ڪافي هوندي هئي ❁ ۽ سندن زندگي بہ پاڪيزه گذرندي هئي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي گهر گهر علمِ دين جي روشني پهچائي رهي آهي ❁ بانيءِ دعوتِ اسلامي، شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن جي هيءَ خاصيت آهي تہ هو پاڻ بہ علمِ دين جا ڏاڍا شوقين آهن ۽ عاشقانِ رسول کي بہ ديني ڪتاب پڙهڻ جو شوق ڏياريندا آهن ❁پاڻ هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن ❁ جيڪو مختصر هوندو آهي ❁ ڪجھ منٽن يا ڪجھ ڪلاڪن ۾ پڙهجي سگهي ٿو، توهان بہ پڙهندا ڪيو!

اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!تمام گهڻو فائدو ٿيندو ❁ ديني معلومات وڌندي ❁ علمِ دين سکڻ جو ثواب ملندو❁ ديني ڪتاب پڙهڻ سان ذهن بہ روشن ٿيندو آهي ❁ نظر وسيع ٿيندي آهي ❁حڪمت حاصل ٿيندي آهي ❁سوچ پاڪيزه ٿيندي آهي ۽ زندگي ۾ نکار اچي ويندو آهي ❁جديد سائنسي تحقيق جي مطابق ڪتاب پڙهڻ سان ذهني بيمارين کان بہ بچاءُ ٿيندو آهي.

## مَعْرِفَةُ الْقُرْآن موبائل ايپليڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ تمام بهترين موبائل ايپليڪيشن مَعْرِفَةُ الْقُرْآن جي نالي سان جاري ڪئي آهي. توهان هن ايپليڪيشن جي ذريعي ۞ قرآن پاڪ جو لفظي ۽ با محاوره ترجمو پڙهي سگهو ٿا ۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ آيتن جا عنوان بہ ڏنا ويا آهن، جن جي مدد سان پنهنجي

1... بخاری، کتاب العلم، باب العلم قبل القول و العمل، صفحہ:91۔

موضوع مطابق قرآني آيتون آسانيءَ سان ڏسي سگهو ٿا، خاص طور تي مبلغ اسلامي ڀائر هن آپشن مان تمام گهڻي مدد حاصل ڪري سگهن ٿا ۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ سرچ آپشن به ڏنو ويو آهي، جنهن جي ذريعي آيتون تلاش ڪرڻ آسان بڻايو ويو آهي ۞ موضوع ڪي پن پوائنٽ ڪرڻ جو آپشن به موجود آهي. توهان به هيءَ ايپلي ڪيشن انسٽال ڪيو، پاڻ به فائدو حاصل ڪيو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلان

رمضان شريف جو برڪتن وارو مهينو جاري آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي روزانو عصر جي نماز ۽ تراويح جي نماز کان بعد مدني مذاڪرو فرمائي رهيا آهن. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شريڪ ٿين ۽ ٻين کي به دعوت ڏين ۞ شيخِ طريقت اميرِ اهلِ سنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن، ايندڙ هفتي اعتڪاف جون 10 مدني بهارون رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو، ٻين کي به پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا (مثلاً واٽس ايپ وغيره) استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان هي رسالو ٻين کي به شيئر *(Share)* ڪريو. ۞ مڪتبةالمدينه آندي آهي هڪ اهڙي پراڊڪٽ جنهن کي توهان هر طبقي جي دوستن ۽ رشتيدارن ۾ تحفي طور پيش ڪري سگهو ٿا. **ڊيجيٽل پين قرآن** جنهن ۾ موجود آهي 4 زبانن ۾ ترجمو، 12 قاري صاحبان جي آواز ۾ تلاوت، ٻارن جي لاءِ اسلامي ڪهاڻيون، قرآن ڪريم ۾ بيان ڪيل قومن جو ذڪر ۽ انهن جا احوال، قرآن ۾ موجود جاندارن، حيوانن ۽ آسمان جو ذڪر ۽ گهڻو ڪجهه. هي پين مڪتبة المدينه جي ڪنهن به شاخ تان 9000 روپين ۾ خريد ڪيو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي، هڪ سنت بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، تنهن مون سان محبت ڪئي، ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## تلاوتِ قرآن سنت آهي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وآلِهٖ وسَلَّم: (1) منهنجي امت جي افضل عبادت قرآن جي تلاوت آهي. (2)

اي عاشقانِ رسول ! قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ سنت آهي. اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت فرمائيندا هئا ۞ حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: ڪا بہ شيءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تلاوت کان نہ روڪيندي هئي ۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رات جي نماز ۾ ڪڏهن ڪڏهن مڪمل سورۃ بقرہ ۽ سورۃ آلِ عمران جي تلاوت فرمائيندا هئا ۞ روزانو رات جو سُوْرَۂ سجدہ، سُوْرَۂ ملك، سورۂ بنی اسرائيل، سورۂ زُمَر، سُوْرَۂ كافرون، سُوْرَۂ فلق ۽ سورۂ ناس جي تلاوت ڪري سمهندا هئا.

الله پاڪ اسان کي بہ خوب خوب قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1 ...مشكوٰة،كتابُ:الْايمان،بابُ:الْاعْتصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔
2 ...شُعَبُ الْاِيْمان، بَاب:تعظيم قرآن، جلد:2، صفحه:347، حديث:2004 ۔

الٰہی خوب دے شوق قرآں کی تلاوت کا | شَرَف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِمکتبة المدينہجي بهارِ شريعت جلد 3، حصو 16 ۽ شيخ طريقت اميرِ اهلِسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو، سنتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

مانگو آ کر دُعا پاؤ گے مُدَّعا | در کرم کے کھلیں، قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر، قافلے والوں پر | پاؤگے راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ بس اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو

تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا سٽر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

1 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

3... القول البديع، الباب الثانى، ص277

4... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [2]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [3]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

---

[1]… القول البديع، الباب الاول، ص2125

[2]… الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

[3]… مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا ڪي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر ڪي حاصل ڪري ورتو.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455